SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1972

# SINDH ACT NO.VI OF 1972

# سنڌ جي صوبائي اسيمبلي مراعتون ايڪٽ، 1972

# THE PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH PRIVILEGES ACT, 1972

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. سول يا ڪرمنل قدم کان آجا ميمبرز

Members not liable to Civil or Criminal action

4. گرفتاري کان ڇوٽ

Freedom from detention

5. سول ڪيسز ۾ حاضري کان ڇوٽ

Freedom from appearance in Civil Cases etc.

6. ضمانت جوڳي الزام هيٺ نظربند يا گرفتار ٿيل ميمبر جي اسيمبلي اجلاس ۾ حاضري

Attendance of a Member detained or arrested on a bail able charge

7. ڪا به ڪارروائي اسيمبلي ۾ تعميل نہ ٿيندي

No process to be served in the Assembly

8. ڪيسن دوران پگهارن ۽ الائونسز جو مسئلو

No attachment of salaries and allowances

9. قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ شخصيتن ڪي هٽائڻ جي غير ذميواري

Non_liability of removing persons Infringing Rules

10. شاهدن جي طلبي

Summoning of witnesses

11. اسيمبلي جي احاطي ۾ خلل وجهڻ تي ڏنڊ

Penalty for causing disturbance in the precincts of the Assembly

12. ڪا بہ ڪارروائي اسپيڪر جي شڪايت ۽ اسٽي يا عدالتي ڪارروائي ڪانسواءِ نہ ٿيندي

No prosecution except on complaint of Speaker and stay or proceedings

13. ايڪٽ تحت ڏوهن تي پڌڻي جو اختيار

Cognizance of offences under Act

14. ضمانت

Indemnity

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1972

# SINDH ACT NO.VI OF 1972

# سنڌ جي صوبائي اسيمبلي مراعتون ايڪٽ، 1972

# THE PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH PRIVILEGES ACT, 1972

[18 جولاءِ 1972]

هڪ ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ميمبرن ۽ ڪميٽيز کي مراعتون فراهم ڪيون وينديون.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عارضي آئين جي آرٽيڪل 118 موجب اسيمبلي جي ميمبرن کي مراعتون فراهم ڪرڻيون آهن، جيڪي قانون موجب طئي ڪيون وينديون:

۽ جيئن تہ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي، ان جي ميمبرن ۽ ڪميٽيز ۽ اسيمبلي ۾ ڳالهائڻ جي اجازت مليل شخصيتن کي مراعتون ڏنيون وڃن ۽ اتفاقي ۽ واقعاتي معاملن جي

سلسلي ۾؛

اهو هن ريت لاڳو ڪيو ويندو.

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي مراعتون ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short Title and commencement |
| 2. (1) هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نہ هجي، تيستائين:<br>(a) "اسيمبلي" مطلب سنڌ جي صوبائي اسيمبلي.<br>(b) "اسيمبلي سيڪريٽريٽ" مطلب اسيمبلي جي سيڪريٽريٽ.<br>(c) "ڪميٽي" مطلب اسيمبلي طرفان مقرر ڪيل ڪميٽي، ۽ جنهن ۾ شامل آهي اسٽينڊنگ ڪميٽي ۽ اسيمبلي جي سليڪٽ ڪميٽي.<br>(d) "آئين" مطلب اسلامي جمهوري پاڪستان جو عارضي آئين.<br>(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت.<br>(f) "گورنر" مطلب سنڌ جو گورنر.<br>(g) "ميمبر" مطلب اسيمبلي جو ميمبر ۽ جنهن ۾ شامل آهي اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر ۽ وزير ۽ پارلياماني سيڪريٽري؛<br>(h) "طريقيڪار جا قاعدا" مطلب وقتي طور اسيمبلي جي طريقيڪار هلائڻ لاءِ قاعدا؛<br>(i) "سيڪريٽري" مطلب اسيمبلي جو سيڪريٽري.<br>(j) "اسپيڪر" مطلب اسيمبلي جو اسپيڪر. | وصفون<br>Definitions |

(2) ايئن محفوظ ڪيو وڃي جيئن هن ايڪٽ ۾ مهيا ڪيو ويو آهي يا جتي مفهوم جو ٻيو مطلب گهربل هجي، سمورا اظهار جيڪي هن ايڪٽ ۾ استعمال ڪيا ويا آهن انهن جي اها ساڳي معنيٰ هوندي جيڪا انهن جي آئين ۾ آهي.

سول يا ڪرمنل قدم کان آجا ميمبرز
Members not liable to Civil or Criminal action

3. آئين جي آرٽيڪل 118 جي گنجائشن موجب ڪنهن ميمبر خلاف اسيمبلي يا ڪميٽي ۾ ڪو به معاملو اٿارڻ يا نوٽيس ۾ آڻڻ يا ڪو به بل پيش ڪرڻ تحريري، سوال يا ٻيو ڪجهه پڇڻ تي ان خلاف سول يا ڪرمنل ڪارروائي نه ٿيندي، پوءِ ڇو نه اهڙي ٺهراءُ، تحريڪ، بل، سوال يا ٻي ڪنهن شئي جي اسپيڪر اجازت نه ڏئي يا منظور نه ڪري.

گرفتاري کان ڇوٽ
Freedom from detention

4. (1) ڪنهن به اسيمبلي ميمبر کي اسيمبلي ڪارروائي هلڻ کان 14 ڏينهن اڳ يا اجلاس ختم ٿيڻ کان 14 ڏينهن پوءِ صوبائي قانون مطابق گرفتار يا نظربند نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي ڪو ميمبر سول ڪورٽ يا روينيو ڪرٽ يا ٻي ڪنهن ڪميشن يا ٽربيونل وغيره ۾ حاضر رهڻ جو پابند هوندو، اهڙي نموني ڪميٽي جي ڪنهن به ميمبر کي ڪميٽي جي ڪارروائي دوران ۽ ميٽنگ وغيره جي شروع ٿيڻ کان ٽي ڏينهن اڳ يا ميٽنگ ختم ٿيڻ کان 3 ڏينهن بعد گرفتار يا نظربند نٿو ڪري سگهجي ۽ نه هو ڪنهن ڪورٽ، ڪميشن يا ٽربوينل ۾ حاضر رهڻ جو پابند هوندو.

(2) ذيلي شق (1) ۾ موجود ڪجهه به ايئن نه جوڙيو

ويندو:

(a) متي بيان ڪيل قانون مطابق ڪنهن به ميمبر کي گرفتار يا احتياتي نظربندي جو فوري عمل هن ايڪٽ جي شروعات يا ڪنهن به وقت يا اسيمبلي جي اجلاس شروع ٿيڻ کان 15 ڏينهن اڳ يا اجلاس ختم ٿيڻ جي 15 ڏينهن ڪانپوءِ ٿيندو، يا

(b) ڪنهن به قانون تحت اسيمبلي ميمبر ان وقت دوران جڏهن اسيمبلي جو اجلاس نه هلندڙ هجي يا اسيمبلي جي ڪارروائي کان 15 ڏينهن اڳ يا آخر ۾ 15 ڏينهن پوءِ يا ٻئي ڪنهن به وقت جڏهن هن ڪنهن قسم جو ڏوهه ڪيو هجي ته ان کي گرفتار ڪرڻ جي ضمانت هوندي.

سول ڪيسز ۾ حاضري کان ڇوٽ وغيره

Freedom from appearance in Civil Cases etc

5. (1) جيڪڏهن ڪنهن لاڳو جي منحرف نه آهي ته ايڪٽ ۾ ڏنل طريقي مطابق ۽ موجوده حالتن موجب ڪا به ديواني روينيو عدالت ۽ نه ڪميشن يا اليڪش ٽربيونل اسيمبلي جي ڪارروائي جي دوران يا اسيمبلي جي ڪارروائي شروع ٿيڻ کان 14 ڏينهن پهرين يا ڪارروائي ختم ٿيڻ کان 14 ڏينهن پوءِ ڪنهن به اهڙي ڪيس جي ڪارروائي عمل ۾ نه آڻيندي جنهن ۾ هڪ ميمبر يا هڪ کان وڌيڪ ميمبر فريق هجن، تيستائين جيستائين مليل دفعه 4 هين مليل ڇوٽ ڪورٽ، ٽربيونل يا ڪميشن درخواست لکي ختم نه ٿي ڪئي وڃي.جيستائين اها درخواست متاثر ميمبر يا سمورن متاثر ميمبرن مان ڪو به هڪ نه لکي.

(2) هن ايڪٽ جي ذيلي دفعه (1) جو اطلاق جي انهن سمورين ديواني، روينيو يا ڪميشن جي سامهون يا اليڪشن ٽربيونل ۾ پڌٽي هيٺ مقدمن تي لاڳو ٿيندو جنهن ۾ ميمبر فريق هجي ۽ ڪا عدالت، ڪميشن يا ٽربيونل وڏيڪ ڪارروائي ڪرڻ جي مجاز نه هوندي تيستائين جيستائين حاصل ٿيل ڇوٽ قانون موجب ختم نه ٿي وڃي يا ان وقت تائين جيستائين ڏنل ڇوٽ جو مدو پورو نه ٿي وڃي.

ضمانت جوڳي الزام هيٺ نظربند يا گرفتار ميمبر جي حاضري
Attendance of a Member detained or arrested on a bail able charge

6. جيڪڏهن ميمبر ڪنهن فوجداري ڏوهه ۾ گرفتار يا قيد ٿي وڃي ۽ ڪورٽ جنهن ۾ چاٽايل مقدمو پڌٽي هيٺ هجي ۽ ان ميمبر کي باقاعدي سمن جاري ڪيو ويو هجي ته اهو اسيمبلي يا ان جي ذيلي ڪميٽي جي ڪارروائي ۾ حاضر ٿئي، ته چاٽايل ڪورٽ ان ميمبر کي ضمانت جوڳي ڏوهه جي ڪيس ۾ ذاتي ضمانت تي گهربل وقت لاءِ آزاد ڪندي ته جيئن ميمبر حالتن جي مطابق اسيمبلي جي ڪارروائي يا ان جي ڪميٽي جي ميٽنگ ۾ حاضر ٿي سگهي.

بشرطيڪ هن دفعه جي گنجائشن موجب اهو مفهوم نه ورتو ويندو ته ڪنهن ميمبر کي ڪورٽ ۾ حاضري کان مستقل ڇوٽ ملي وئي آهي، عام حالتن وانگر عدالت ميمبر خلاف ڪيس جي تاريخ مقرر ڪري ۽ پڌٽي ڪري سگهي ٿي.

ڪا به ڪارروائي اسيمبلي ۾ تعميل نه ٿيندي

7. ڪو ديواني يا فوجداري سمن اسيمبلي بلڊنگ جي احاطي ۾ ڪنهن ميمبر کي تعميل نه ٿي سگهي

جيستائين اسپيڪر کان اڳواٽ اجازت نہ ورتي وڃي.

No process to be served in the Assembly

**پگهارن ۽ الائونس جي نواتيچمينٽ**

No attachment of salaries and allowances

8. اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر ۽ ميمبرن جي ادا ڪيل ۽ واجب الادا پگهار ۽ ان کان علاوه ڏنل ٻيون رعايتون ڪنهن بہ قسم جي سول پروسيجر ڪوڊ 1908 جي مطابق جاري ڪيل ڪورٽ جي ڊڪري جي عمل ۾ نہ ايندي.

**قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ شخصيتن کي هٽائڻ جي غير موزونيت**

Non_liability of removing persons Infringing Rules

9. ڪو شخص جيڪو اسيمبلي جي اجلاس دوران ڪنهن بہ قسم جي قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڏٺو ويو هجي يا ڪارروائي دوران امن امان خراب ڪرڻ ۾ ملوث ڏٺو ويو هجي يا رولس آف پروسيجر جي ڀڃڪڙي ڪري ۽ اسپيڪر يا اسيمبلي جي ڏنل حڪم مطابق ان شخص کي ڪڍيو ويو هجي يا خارج ڪيو ويو هجي تہ اهڙي قدم کڻندڙ خلاف ڪنهن بہ قسم جي ديواني يا فوجداري ڪارروائي نہ ٿي ڪري سگهجي.

**شاهدن جي طلبي**

Summoning of witnesses

10. (1) ذيلي دفعہ (7) ۾ موجود گنجائشن تحت اسيمبلي يا ڪا ڪميٽي جيئن بہ صورتحال هجي ڪنهن شخص کي اسيمبلي يا ڪميٽي ۾ حاضر ٿيڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي، جيئن صورتحال هجي، ۽ اهڙي شخص جي قبضي يا هيٺ دستاويز طلب ڪري سگهي ٿي.

(2) جيڪڏهن ڪو حڪم ذيلي دفعه (1) تحت ڪيو وڃي ٿو ته ان شخص کي آگاهه ڪيو ويندو ته اهو حاضر ٿئي يا ڪو ڪاغذي ڪتاب، رڪارڊ يا دستاويز پيش ڪري اهڙو حڪم سيڪريٽريءَ جي هٿ هيٺ اسپيڪر يا ڪميٽي جي چيئرمين جي حڪم سان جاري ٿيندو. جيئن به ڪيس هجي ۽ اهڙي هر حڪم ۾ تاريخ، وقت ۽ هنڌ واضح ڪيو ويندو جتي طلب ڪيل شخص کي حاضر ٿيڻو يا ڪاغذ يا ٻيا دستاويز پيش ڪرڻا آهن.

(3) ڏنل تحريري حڪم جنهن ۾ حاضري لاءِ تعميلات بذريعي مئجسٽريٽ جنهن جي حد ۾ هو رهندڙ هجي ۽ جنهن جي ڪنهن ملازم جي ذريعي يا روبرو ذاتي طور تي عمل ۾ آڻبو يا ان جي ڏنل رهائشگاهه تي جتي اهو شخص آخري وقت تي رهندڙ هو.

(4) ڪنهن به شخص جنهن کي حاضر رهڻ لاءِ چيو وڃي ٿو، اهو شخص سيڪريٽري کان حڪومت جي ناهيل ۽ ڏسيل قانون مطابق روزانا ۽ سفري الائونس حاصل ڪرڻ جو حقدار هوندو.

(5) اسيمبلي يا ان جي ناهيل ڪا ڪميٽي ڪنهن شاهد کي قسم کڻڻ جي غرض لاءِ جنهن جي سامهون گهرائي ته قانون مطابق سيڪريٽري يا اسپيڪر يا چيئرمين جو مقرر ڪيل ڪو به شخص ان شاهد کان قسم کڻائي سگهي ٿو.

(6) ذيلي دفعه (7) ۾ موجود گنجائشن موجب جيڪڏهن

گهرايل ڪو شخص حاضر ٿيڻ لاءِ جواب ڏئي ٿو يا حاضر ٿيڻ لاءِ سرڪاري طور تي طلب ڪرڻ تي پنهنجي قبضي هيٺ رکيل ڪو ڪاغذ ڪتاب، رڪارڊ يا دستاويز بنا ڪنهن مناسب سبب ڄاڻائڻ جي پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته ان شخص سادي قيد جي سزا ملي سگهندي جيڪا 6 مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو هڪ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو.

(7) جيڪڏهن حڪومت ان راءِ جي هجي ته ملڪ جي سلامتي يا امن امان يا عوام جي گڏيل دلچسپي جي معاملن ۾ ڪنهن جائز وجهه جي بنياد تي ڪنهن به حڪومتي آفيس يا اداري يا ڪا به تنظيم جيڪا حڪومتي حڪم جي تحت قائم ڪيل هجي، ان جو رڪارڊ اسيمبلي يا ان جي قائم ڪيل ڪنهن ڪميٽي يا ڪنهن شخص کي جيڪو حڪومت پاڪستان جو ملازم هجي کي شاهد طور گهرايو وڃي ته حڪومت پنهنجو اختيار استعمال ڪري سگهي ٿي ته اهڙو رڪارڊ يا حڪومتي ملازم کي پيش نه ٿيڻ کان ڇوٽ يا ضمانت ڏياري سگهي ٿي، جيئن به معاملو هجي.

بشرطيڪ اهڙي معاملي ۾ اسيمبلي يا ڪميٽي، جيئن به ڪيس هجي، گورنر کان مراعت يا ڇوٽ بابت حڪم وٺي سگهي ٿي، جيئن معاملو هجي، جنهن جي خاص طور دعويٰ ڪئي وئي آهي ۽ گورنر جا ان سلسلي ۾ حڪم حتمي ۽ جامع هوندا، ۽ انهن تي ڪنهن ڪورٽ ۾ سوال نه اٿاريو ويندو.

وضاحت: هن دفعه تحت حڪومت يا گورنر کي اختيار

۽ حق حاصل هوندو ته ڪنهن آفيس مان طلب ڪيل ڪو رڪارڊ يا مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ اختياري يا سيٽ اپ يا حڪومت طرفان قائم ڪيل، يا مرڪز جي معاملن لاءِ مقرر ڪيل شخص جي طلبي جو اختيار ۽ حق مرڪزي حڪومت ۽ صدر کي هوندو، جيئن به معاملو هجي.

**اسيمبلي جي احاطي ۾ خلل وجهڻ تي ڏنڊ**
**Penalty for causing disturbance in the precincts of the Assembly**

11. جيڪو ميمبر نه هجي ۽ اسيمبلي جي حدن ۾ چڪتاڻ پيدا ڪري، اسيمبلي جي ڪارروائي دوران، يا ڪميٽي جي ڪارروائي دوران، ۽ ان دوران ڪارروائي ۾ خلل پوي ته اهڙي شخص کي قيد جي سزا ئي سگهجي ٿي، جيڪا ڇهه مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو هڪ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو، يا ٻئي گڏ.

**ڪا به ڪارروائي اسپيڪر جي شڪايت ۽ اسٽي يا عدالتي ڪارروائي ڪانسواءِ نه ٿيندي**
**No prosecution except on complaint of Speaker and stay or proceedings**

12. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪا به قانوني ڪارروائي نه ٿيندي جيستائين اسپيڪر جي حڪمن سان سيڪريٽري طرفان لکت ۾ شڪايت نه ڪئي وڃي يا سنڌ جي وڏي وزير جي اجازت نه هجي.

(2) جيستائين ڪجهه ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 جي خلاف نه هجي، اسپيڪر اسيمبلي جي ٺهراءَ جي روشني ۾ ڪورٽ کي ذيلي دفعه (1) تحت ڪنهن شڪايت جي التويٰ ۾ رکڻ بابت درخواست ڪري سگهي ٿو، ته ان تي وڌيڪ ڪارروائي ختم ڪئي وڃي ۽ اهڙي درخواست ملڻ تي ڪورٽ ان شڪايت تي وڌيڪ ڪارروائي روڪي سگهي ٿي ۽ شڪايت

واپس ورتل تصور ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| 13. فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ ڪانسواءِ ڪا بہ ڪورٽ ڪارروائي جو اختيار نہ رکندي يا هن ايڪٽ جي شرطن موجب سزا جوڳي ڏوهہ تي ڪارروائي نہ ڪندي. | ايڪٽ تحت ڏوهن تي ٻڌڻي جو اختيار Cognizance of offences under Act |
| 14. هن ايڪٽ تحت نيڪ نيتي سان ڪنيل ڪنهن قدم تي ڪنهن شخص خلاف ڪا دعويٰ، استغاثہ ۽ قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي. | ضمانت Indemnity |

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**